# وبائي بيمارين ۽

# اسلام

25-March-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

25 مارچ 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# وبائي بيماريون ۽ اسلام

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

- ❖ 70 هزار مُردن جي زِندهہ ٿيڻ جي دلچسپ ۽ سبق آموز حڪايت
- ❖ وبا ڪان ڀڄڻ ڪيئن...؟
- ❖ ڇا موت ڪان بچڻ ممڪن آهي.؟
- ❖ ڪرونا وائِرس بابت عوامي رَدّ عَمَل ۽ اسلام
- ❖ وَبَا جي ڏينهن ۾ ڪرڻ وارا 5 ڪَم

پيشڪش

مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# وبائي بيماريون ۽ اسلام

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتکاف جي نيّت کئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد مسلمان جي پناھ گاھ آهي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَ الله! شيطان کان بہ حفاظت ٿيندي، گُناهن کان بہ محفوظ رهندا. هڪ ٻيو ڪم ڪريو! جڏهن بہ مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت بہ ڪري وٺو! ان جا ٻہ 2 فائدا ٿيندا: پهريون اهو تہ جيستائين مسجد ۾ رهندو، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ٻيو اهو جو مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا تہ ضمناً اهي شيون بہ جائِز ٿي وينديون.**

## نفاق ۽ جهنّم جي باھ کان نجات

**آخري نبي، مڪي مدني** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: مسلمان جيستائين مون تي دُرود پڙهندو رهي ٿو، ملائڪ ان تي رحمتون موڪليندا رهن ٿا، هاڻي ٻانهي جي مرضي آهي گهٽ پڙهي يا وڌيڪ.** (ضيائے دُرودُ وسلام، صفحہ:2۔)

وِرْدِ لب ہر دَم درود و سلام ہو يا شَہِ عرب و عجم! کر دو کرم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ چڱي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي. (بخاری، کِتَاب:بَدءُ الْوَحی، باب:کیف کان بدء الوحی...الخ، صفحہ:65، حدیث:1۔)

اي عاشقانِ رسول! هر نيڪ ۽ جائز ڪم کان پهريان سٺيون نيتون ڪرڻ گهرجن! هن سان عَمَل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ جون ڪجھ سٺيون نيتون ڪيون ٿا، مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو ته اِنْ شَآءَ الله چئي ان جو اظهار ڪريو: ❖ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس ❖ بيان جا اَهم نِڪتا (Points) لکي وٺندس ❖ بيان جون جيتريون ڳالهيون ياد رهجي ويون، گهر وجي گهروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 70 هزار مُردا زِنده ٿي ويا

واسط عِرَاق جو شهر آهي، هتي داوَرَدَان نالي، هڪ آبادي هوندي هئي. تمام پُراڻي ڳالھ آهي، هن آبادي ۾ هڪ ڀيرو طاعُون(*Plague*) جي بيماري ڦهلجي وئي، تمام گھڻا ماڻهو مرڻ لڳا، صُورتِ حال خوفناڪ ٿي وئي، هر هڪ کي موت جو خوف ٿيڻ لڳو، هڪ قول مطابق ان آبادي جي 70 هزار ماڻهن موت جي خوف سان بِستر ڪٽي، ڪاڏي پيتي جون شيون ساڻ ڪري ان ڳوٺ کي ڇڏي جبل ڏانهن هليا ويا، الله پاڪ کي انهن جي اها حرڪت بلڪل پسند نه آئي، پوءِ الله پاڪ جي حڪم سان هڪ ملائڪ پُڪاري چيو: مُوْتُوْا سڀئي مري وڃو!

اهو آواز اچڻ سبب 70 جا 70 هزار، بنا ڪنهن بيماري جي يڪدَم هلاڪ ٿي ويا. اَٺ ڏينهن تائين انهن جا لاش اتي انهيءَ حالت ۾ پيل رهڻ سبب ڦاٽي پيا، ۽

هر پاسي بدبُو پکڙجڻ لڳي، آس پاس وارا ماڻهو بدبو جي ڪري پريشان ٿي اٿي پهتا ۽ انهن کي دَفن ڪرڻ چاهيو ٿي پر ايترن مُردَن کي دَفن ڪرڻ مشڪل ڪم هو، ان ڪري اُنهن مُردَن جي آس پاس وڏيون ڀتيون ٺاهي ڇڏيون، اهڙي طرح ڪافِي عرصو گذري ويو، لاش بلڪل سَڙي ويا، هڏيون وڪري ويون، پوءِ هڪ ڏينهن حضرت حِزقِيل عَلَیْہِ السَّلام جو اتان ڪان گذر ٿيو.

حضرت حِزْقِيل عَلَیْہِ السَّلام الله پاڪ جا نبي آهن، سندن کي ذُوالڪفل به چيو ويندو آهي، پاڻ حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلام جا ٽيان خليفه آهن. حضرت حِزْقِيل عَلَیْہِ السَّلام ايترين ساريون هڏيون وکريل ڏسي غمگين ٿي ويا، دل غم سان ڀرجي آئي، اکين مان لڙڪ اچي ويا، ڏک جي هن ڪيفيت ۾ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيائون: **الٰهي**! انهن کي زِندهه ڪر.

انبياءِ ڪرام عَلَیْہِمُ السَّلام **الحمد لله**! وڏي شان وارا آهن، انهن جو الله پاڪ جي بارگاهه ۾ اهو مقام ۽ مرتبو آهي جو انهن جي خواهش تي الله پاڪ پنهنجو قانون بدلي ڇڏيندو آهي، قُدْرت جو قانون آهي ته مُردا قيامت ڪان پهريان زِندهه ناهن ڪيا ويندا پر قربان وڃجي! حضرت حِزقيل عَلَیْہِ السَّلام هڪ به نه، 70 هزار مُردن کي قيامت ڪان پهريان زِندهه ڪرڻ جي آرزو ڪئي ته الله پاڪ وحي موڪلي، فرمايو: اي حِزْقِيل! انهن کي پُڪاريو...!!

واهه! سُبْحٰنَ الله! زِندهه ڪرڻ ۽ مارڻ الله پاڪ جي صفت آهي، الله پاڪ پاڻ اُنهن 70 هزار مُردن کي زِندهه فرمائي ڇڏي ها، ۽ حضرت حِزقِيل عَلَیْہِ السَّلام جي آرزو تڏهن به پوري ٿي وڃي ها پر الله پاڪ کي اهو ڏيکارڻو هو ته پنهنجي پيارن ٻانهن جي زبان ۾ ايترو اثر رکيل آهي، انهن جو فرمائڻ ئي مُردَا زِندهه ڪرڻ جي لاءِ ڪافِي آهي. موالانا رُوم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

گرچه اَزْ حُلْقُوْمِ عَبْدُالله بَوَدْ | گُفْتَهٔ اُوْ گُفْتَهٔ اَلله بَوَدْ

ترجمو: محبوب ٻانهن جو فرمان، فرمانِ الٰهي ئي هوندو آهي، توڙي جو اهي لفظ ٻانهن جي زبان مان ادا ٿيندا آهن.

الله پاڪ جو حڪم مليو، حضرت حِزقِيل عَلَيْهِ السَّلام وِڪريل هڏين کي پُڪاريو: اي هڏيون! الله پاڪ جي حڪم سان گڏ ٿي وڃو! نبي جو حڪم ٻڌندي ئي تمام هڏيون پنهنجي پنهنجي جسم ۾ ترتيب سان جُڙي ويون، ڍانچا تيار ٿي ويا. حضرت حِزقِيل عَلَيْهِ السَّلام ٻيهر حڪم ڏنو: قُدرَت واري مالڪ ۽ موليٰ جي حڪم سان گوشت ۽ کل پائي وٺو! سيني ڍانچن تي گوشت ۽ کل چڙهي وئي، جسم تيار ٿي ويا. حضرت حِزقِيل عَلَيْهِ السَّلام جن فرمايو: مُردَه جسمؤ! الله پاڪ جي حڪم سان زِندهه ٿي وڃو! ايترو چوڻ هو جو 70 هزار مُردا الله پاڪ جي حمد ۽ ثنا ڪندي زِندهه ٿي ويا.

هاڻي اهي سيئي ماڻهو ٻيهر پنهنجي بستي ۾ آيا ۽ ڪافِي عرصو زِندهه رهيا، انهن کي اَولاد به ٿيو. (روح البيان، پاره:2، البقره، تحت الآية:243، جلد:1، صفحه:382خلاصةً۔) مُردَا زِندهه ٿيڻ جو اهو عجيب ۽ غريب واقعو سيپاري 2، سُورَةُ البَقَرَة، آيت:243 ۾ آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ خَرَجُوۡا مِنۡ دِيَارِهِمۡ وَهُمۡ اُلُوۡفٌ حَذَرَ الۡمَوۡتِ ۖ فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوۡتُوۡا ثُمَّ اَحۡيَاهُمۡ ؕ (پاره2،سورة البقرة:243) | ترجمو ڪنز الايمان: اي محبُوب! ڇا تو اُنهن کي نه ڏِٺو جيڪِي هزارن جي تعداد ۾ موت جي ڊپ کان پنهنجا گهر ڇڏي نڪتا هُئا ته الله اُنهن کي فرمايو مَرِي وڃو پوءِ اُنهن کي زندهه ڪيائين، |

## وَبَا ڪان ٻچڻ ڪيئن...؟؟

پيارا اسلامي ڀائرو! زِندگي ۽ موت الله پاڪ جي هٿ ۾ آهي، ڪنهن هنڌ وبائون پکڙجن، طاعُون اچي ته انهن کان ڀڄي ٻچڻ عقل جي به خِلاف آهي ۽ الله پاڪ کي به گهڻو ناپسند آهي. طاعُون کان ڀڄي ٻچڻ کي ته عالم سڳورن گُناهِ ڪبيره فرمايو آهي ۽ اهو ئي حڪم طاعُون کان عِلاوه ٻين وبائن مثال

طور **ڪرُونا** (*Corona*) وغيره جو بہ آهي. (اشعةُ اللَّمْعَات، ڪتاب:جنائز ، جلد:1، صفحہ:638۔) رسولِ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: **طاعُون ڪان ڀڄڻ وارو ائين آهي جيئن ڪافِرن جي مقابلي ۾ ميدان ڇڏي ڀڄڻ وارو.** (مسند امام احمد، جلد:10، صفحہ:146، حديث:25262)

۽ ڪافِرن جي مقابلي ۾ ميدان ڇڏي ڀڄڻ وارو ڪيئن آهي، ان جي باري ۾ سيپاري 9، سورة الانفال، آيت:16 ۾ ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| فَقَدْ بَآءَ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ مَاْوٰىهُ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿۱۶﴾ (پاره9،سورةالانفال:16) | ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ تحقيق اُهو (ڀڄندڙ) الله جي قهر ۾ موٽيو ۽ اُن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي ۽ ڪهڙي نہ بُري جاءِ آهي موٽڻ جي. |

## موت ڪان ڇوٽڪارو ممڪن ناهي

**اي عاشقانِ رسول!** مَوت ڪا اهڙي بہ شيءِ ناهي جو ڀڄي، ڪٿي لڪي ڪري ان ڪان پيڇو ڇڏائي سگهجي، موت تہ هر هنڌ اچي سگهي ٿو، دُنيا ۾ ڪا بہ اهڙي جاءِ ناهي جتي لڪي اسان موت ڪان پناهہ وٺي سگهون، جڏهن مُعَامَلو اهڙو آهي تہ وبائن جي ڊپ ڪان ڀڄڻ بہ عقل مندي ناهي، بيوقوفي آهي، سيپاري 28، سُورَةُ الجُمُعَہ، آيت:8 ۾ ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| قُلْ اِنَّ الْمَوْتَ الَّذِيْ تَفِرُّوْنَ مِنْهُ فَاِنَّهٗ مُلٰقِيْكُمْ (پاره28،سورةالجمعه:8) | ترجموڪنز الايمان: تون فرماءِ اهو موت جنهن ڪان توهان ڀڄو ٿا اهو تہ ضرور توهان کي ملي رهندو. |

**اميرِ اهلسنت**، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا **محمد الياس عطار قادِري** رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **غفلت جي ننڊ** سمهڻ وارن کي جڳ بيدار ڪرڻ جي ڪوشش فرمائي رهيا آهن!

بے وفا دُنیا پہ مت کر اعتبار | تُو اچانک موت کا ہو گا شکار

جب فرشتہ موت کا چھا جائے گا　پھر بچا کوئی نہ تجھ کو پائے گا
کر لے توبہ رَبّ کی رَحمت ہے بڑی　قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول!** قرآني آيتن، حديثن مان معلوم ٿيو ته موت کان پري ڀڄڻ ممڪن ناهي، تنهنڪري وبائون ڦهلجن، طاعُون اچي، ڪرُونا دُنيا ۾ تباهي مچائي ته احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ، SOPs ( سماجي فاصلي) تي عمل ڪرڻ پنهنجي هنڌ درست آهي البت وبائن کان ڊڄي علائقو ڇڏي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪرڻ هڪ مسلمان جي عقيدي جي به خلاف آهي ۽ عقل جي به خلاف آهي.

## وبائن جي باري ۾ اسلامي تعليمات

انسانن ۾ موجود جيتريون بيماريون آهن، بنيادي طور تي انهن جا 3 قسم آهن:

(1): اهي بيماريون جيڪي اسان جي جسم ۾ ئي پيدا ٿين ٿيون ۽ اسان تائين ئي محدود رهن ٿيون، جيئن: ٽائيفائڊ *(Typhoid)*، شوگر، دِل جون بيماريون وغيره.

(2): ٻي قسم جون بيماريون اهي آهن جن کي اِنجيڪٽِو *(Injective)*، بيماريون چيو ويندو آهي، اهڙيون بيماريون عام طور تي اسان جي جسم ۾ پيدا نٿيون ٿين بلڪ ڪٿان کان انهن جا جراثيم اسان تائين پهچن ٿا البت انهن جراثيم کان فَضَا آلود ناهي ٿيندي، اهي بيماريون هڪ شخص کان ٻي شخص ڏانهن رت وغيره جي ذريعي منتقل ٿينديون آهن، جيئن: هيپاٽائٽس، اَيڊز *(Aids)*، وَغيره.

(3): ٽي قسم جون بيماريون اهي آهن جن کي **وبائي بيماريون** چيو ويندو آهي، اهي اَصل ۾ جراثيم *(Germs)*، هوندا آهن جيڪي فضا کي آلود ڪري ڇڏيندا آهن، پوءِ ان فضا ۾ ساهه کڻڻ واري هر شخص کي اهو مرض لڳڻ ممڪن ٿيندو

آهي، طاعُون ۽ ڪرُونا وائِرس ان جا واضح مثال آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! بيماري چاهي ڪهڙي بہ هجي، انساني جسم ئي ۾ پيدا ٿي، جسم ئي تائين محدود رهڻ واري هجي، اِنجِيڪٽو (*Injective*)(ٻاهران اچڻ واري) هجي، چاهي وبائي مرض هجي، ان جي باري ۾ 2 ڳالهيون هميشہ ياد رکو! **نمبر 1:** ڪا بہ بيماري نہ ئي ازخود اُڏامي ڪري ٻي کي لڳندي آهي، نہ وري خود پنهنجي ارادي سان انسان کي بيمار ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. **نمبر 2:** جراثيم (*Germs*) پاڻ ڪو مرض نہ آهي، اها تہ الله پاڪ جي ننڍڙي مخلوق آهي، جراثيم انساني صحت جي لاءِ فائديمند بہ ٿيندا آهن ۽ ڪجھ جراثيم بيمارين جو سبب بہ بڻجندا آهن، انهن جراثيم جو هٿن جي ذريعي، ساھ جي ذريعي، آلوده فَضَا ۾ ساھ کڻڻ جي ڪري ٻي کي لڳي وڃڻ عام ڳالھ آهي پر اسان جو عقيدو اهو آهي تہ جراثيم لڳن بہ صرف انهن کي ٿا جن جي لاءِ الله پاڪ چاهي ٿو ۽ ڪنهن کي لڳي وڃن تہ اَثر بہ الله ڪريم جي حڪم ئي سان ڪن ٿا، پاڻ پنهنجي ذات ۾، پنهنجي ارادي سان لڳڻ ۽ انسان کي بيمار ڪرڻ جي صلاحيت جراثيم ۾ بہ ناهي هوندي . اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو واضح ارشاد آهي: "لَاعَدْوٰي" ڪا بيماري اُڏامي ناهي لڳندي، عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اسان ڏسون ٿا تہ اسان جا اُٺ چڱا ڀلا تندرست هوندا آهن، انهن ۾ هڪ خارش وارو اُٺ اچي ملندو آهي تہ سيئي اُٺ خارش وارا ٿي ويندا آهن. ارشاد فرمايائون: فَمَن اَعدَي الاَوَّلَ جيڪڏهن اها ڳالھ آهي تہ پوءِ پهرئين اُٺ کي خارش ڪٿان لڳي؟ (بخاری، کتاب: طِبّ، بابُ لَا صَفَر، صفحہ:1447، حديث:5717خلاصۃً)

يعني جڏهن پهرين کي بيماري الله پاڪ جي ارادي ۽ حڪم سان لڳي آهي تہ باقين کي بہ الله پاڪ جي حڪم ۽ ارادي ئي سان لڳي آهي، دُنيا ۾ ڪو مَرض اهڙو ناهي جيڪو پنهنجي اندر ذاتي اَثر رکندو هجي. جراثيم جو پنهنجي ارادي سان اَثر ڪرڻ تہ رهيو تمام گهٽو پري پر انسان جيڪو اشرف المخلوقات آهي، اهو بہ پنهنجي هر ارادي کي انجام ڏيڻ جي اهليت نٿو رکي:

وَمَا تَشَآءُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۲۹﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ توهان ڇا گهرندؤ مگر هي ته الله سموري جهانن جو ربّ گهري. (پاره 30، سوره تکوير، آيت:29)

ڪير آهي جيڪو مال دار ٿيڻ نٿو چاهي؟ ڇا هر هڪ مال دار ٿي ويندو آهي؟ ناهي ٿيندو، مال دار اهو ئي ٿيندو آهي جنهن کي الله مالدار ڪندو آهي ، ڪير آهي جيڪو هميشه هن دُنيا ۾ رهڻ جي خواهش نٿو رکي؟ ڇا ڪو هميشه هن دُنيا ۾ رهي ٿو؟ نٿو رهي، نه چاهيندي به رُوح ملائڪن جي حوالي ڪرڻو ئي پوي ٿو، جان ڏيڻي ئي پوي ٿي، دُنيا مان لاڏاڻو، قبر ۾ لهڻو ئي پوي ٿو.

اَجَل نے کِسریٰ ہی چھوڑا، نہ دارا | اسی سے سکندر سا فاتح بھی ہارا
ہر اِک لے کے کیا کیا نہ حسرت سدھارا | پڑا رِہ گیا سب یوں ہی ٹھاٹھ سارا
جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے | یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

جڏهن هن دُنيا ۾ انسان به پُوري طرح پنهنجي مرضي جو مالِڪ ناهي ته ننڍا ننڍا جراثيم پنهنجي ارادي ۽ مرضي سان ڪنهن کي بيمار ڪرڻ جي صلاحيت ڪيئن ٿا رکي سگهن؟

الحمدللہ! اسان مسلمان آهيون، اسان جو اِيمان آهي ته الله پاڪ عملن ۾ انسان کي اختيار ضرور ڏنو آهي پر نِظَامِ ڪائنات ۾ انسان جو اختيار نه آهي، اها دُنيا الله پاڪ جي مرضِي سان هلي رهي آهي، اسان راهه جي چونڊ ڪريون ٿا، پر ان راهه تي هلڻ، ان کي پار ڪرڻ، منزل تائين پهچڻ جي طاقت الله پاڪ ڏي ٿو، اسان کي بيماري لڳڻي آهي يا ناهي لڳڻي، اها الله پاڪ جي ارادي تي مَوقُوف آهي، دوا کائڻ، نه کائڻ اسان جي اختيار ۾ آهي پر ان دوا کي شفا جو ذريعو بنائڻ، نه بنائڻ الله پاڪ جي قبضي ۽ اختيار ۾ آهي، الله پاڪ جي پياري نبي حضرت اِبرَاهيم عَلَيْهِ السَّلام ڪافِرن جي سامهون توحيد جو اِعلان ڪيو ۽ انهن کي الله پاڪ جو تَعَارُف ڪرائيندي فرمايائون: منهنجو رَبّ جنهن جي مان

عِبَادت ڪيان ٿو اهو آهي جو...

وَ اِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ ﴿۸۰﴾
(پاره19،سورة الشعراء:80)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جڏهن مان بيمار ٿيان ته مون کي شفا ڏئي ٿو.

مَاشَآءَ الله! الله جي ڪلام جو حُسن ڏسو! ته بيماري به الله پاڪ جي طرفان ۽ شفا به الله پاڪ ئي ڏي ٿو پر بيماري ملڻ ۾ نقصان جو پهلو آهي، ان ڪري اَدب ڪندي فرمايائون: وَ اِذَا مَرِضْتُ جڏهن مان بيمار ٿيان. يعني حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام بيمار ٿيڻ جي نسبت پنهنجي طرف ۽ شِفا جيئن ته رَحمت ۽ عِنَايت ۽ خير ئي خير آهي، ان ڪري شفا جي نسبت الله پاڪ ڏانهن ڪندي چيائين: فَهُوَ يَشْفِيْنِ ته اهو ئي مون کي شفا ڏي ٿو.

وہی جو خالق جہان کا ہے، وہی خدا ہے، وہی خدا ہے
جو رُوح جسموں میں ڈالتا ہے، وہی خدا ہے، وہی خدا ہے
مصیبت و درد و رنج وغم میں، حیات کے سارے پیچ وخم میں
وہ جس کو راغب پُکارتا ہے، وہی خدا ہے، وہی خدا ہے

امام رازي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تفسير ڪبير ۾ وڏي خوبصُورت حڪايت لکي آهي، فرمائن ٿا: هڪ ڀيري الله جي نبي حضرتِ موسيٰ ڪليمُ الله عَلَيْهِ السَّلَام جي پيٽ ۾ سور ٿيو،

الله! الله! نصيب ڏسو! اسان کي دَرد ٿئي ته ڊاڪٽر وٽ ويندا آهيون پر حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي شان ۽ عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي! سندن کي تڪليف ٿي ته ڪوهِ طُور تي حاضِر ٿيا، الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيائون: موليٰ! پيٽ ۾ سور آهي. ارشاد ٿيو: اي موسيٰ! جهنگ ۾ وڃو ۽ فلاڻي جڙي بُوٽي کائو. حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جهنگ ۾ پهتا، جڙي بوٽي حاصِل ڪري، کاڌائون ته

آرام اچي ويو. ڪجھ عرصي کان پوءِ ٻيھر پيٽ ۾ سور ٿيو، ھاڻي حضرت موسيٰ عَلَيْہِ السَّلَام کي علاج معلوم ھو، جھنگ ويجي، اھا ئي جڙي ٻُوٽي پٽي کاڌائون پر خُدا جي قُدرت جو ھن ڀيري ان جو اَثر ابتو ٿيو، پھريان سور ھليو ويو ھو، ھاڻي ويتر وڌي ويو. تمام گھڻو حيران ٿيا. حضرت موسيٰ عَلَيْہِ السَّلَام وري ڪوھ طُور تي حاضِر ٿيا، بارگاھ الٰھي ۾ عرض ڪيائون: موليٰ! مُعَامَلو سمجھ نہ آيو، پھريان جڙي ٻوٽي کاڌي تہ آرام آيو ھو، ھاڻي کاڌي آھي تہ سور ويتر وڌي ويو آھي، اھو ماجرو ڇا آھي؟ ارشاد ٿيو: مُوسيٰ! پھريان منھنجي حڪم سان ويا ھيؤ تہ شفا ملي، ھاڻي پنھنجي مرضي سان ويا ھيؤ تہ سور وڌي ويو، اي موسيٰ! ڇا توھان کي خبر ناھي...؟ بيشڪ دُنيا جي ھر شيءِ زِھرِ قاتِل آھي، منھنجو نالو آھي جيڪو ان کي شِفَا بڻائي ٿو. (تفسير ڪبير، جلد:1، صفحہ:152۔)

سُبحٰنَ اللّٰہ! اي عاشقانِ رسول! خبر پئي تہ مَرض اچڻ بہ اللّٰہ پاڪ جي طرفان آھي، شِفا ملڻ بہ اللّٰہ پاڪ ئي جي طرفان آھي، لِھٰذا وبائون ڦھلجن، بيماريون اچن تہ ڪڏھن بہ پنھنجي نظرين کي ڪمزور نہ ٿيڻ ڏيو! ايمان پختو رکو. ھا! احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ، *SOPs*(Standard Operating Procedure) تي عمل ڪرڻ بھر حال لازمي آھي، ڇوتہ اِحتياط ڪرڻ بہ اللّٰہ پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ئي سيکاريو آھي.

## ڪرونا وائِرس تي عوامي رَدِّ عمل

ھاڻي جڏھن ڪرُونا وائِرس جي شديد لھر آئي ۽ ان ڪم وبيش سڄي دُنيا کي پنھنجي وڪڙ ۾ گھري ورتو، اخبارن ۾، *T.V* تي، سوشل ميڊيا تي، ايستائين جو ھر شخص جي زبان تي ڪرونا جون خبرون عام ھيون، ھر پاسي خوف ۽ ھراس ڇانئيل ھو، ھينئر بہ ڪيئي ملڪن ۾ ان جا اثرات موجود آھن، ڪرونا جي مُعَاملي ۾ ٻن قسمن جي سوچ رکڻ وارا افراد ھئا:

(1): ڪجھ تہ انتھائي خوف زَدَہ تي تقريباً گھرن ۾ قيد ٿي ويا ھئا، انھن جي

مطابق شايد اهو دُنيا جو اختتام هو، انهن کي جڻ ائين لڳي رهيو هو تہ جيئن ڪرونا دُنيا کان انسانن جو خاتمو ڪري ڇڏيندو. (2): ان جي برخلاف(*Opposite*) هڪ تعداد اهڙن ماڻهن جو بہ هو جن جو چوڻ هو تہ ڪرُونا شَرُونا ڪجھ نہ آهي، الله پاڪ تي تَوَڪل ڪرڻ گهرجي، هٿ ملائڻ کان، بغير ماسڪ جي گهُومڻ ڦرڻ کان ڪجھ بہ ناهي ٿيندو، اسان کي ڊاڪٽرن جي ٻڌايل احتياطن تي عَمَل ڪرڻ جي بلڪل حاجت نہ آهي، ڪجھ نادان تہ حڪومتن تي، ڊاڪٽرن تي الزام تراشيون ڪري معاذ الله! گُنَاهن جو شِڪار بہ ٿي رهيا هئا.

پيارا اسلامي ڀائرو! اهي ٻئي انداز غلط آهن، پهريان اها ڳالھ ياد رکو تہ همّت هارڻ ۽ نفسياتي طور تي خوف زَده ٿيڻ خود هڪ مَرض آهي، اسان جي پياري دينِ اسلام جي اها خاصيت آهي جو اسلام اسان کي حوصلو ڏي ٿو ۽ آخري ساھ تائين اسان جي همت وڌائي ٿو، اهو اسلام جو مزاج آهي، اسلام اسان کي ڊڄڻ نہ، بلڪ **حالتن جو مقابلو** ڪرڻ سيکاري ٿو، اسلام اسان کي جيئڻ سيکاري ٿو، اسلام جي ڪوڙ سارين تعليمات مان صِرف هڪ تعليم "تَقدِير" کي ئي ڏسو، الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ فرمايو:

مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّبْرَاَهَا ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿۲۲﴾

(پاره27،سورة الحديد:22)

ترجمو ڪنز الايمان: نہ ٿي پهچي ڪابہ مصيبت زمين ۾ ۽ نہ ئي توهان جي جانين ۾ مگر اها هڪ ڪتاب ۾ آهي هن کان اڳي جو اسان ان کي پيدا ڪيون بيشڪ اهو الله تي آسان آهي.

اها تقدير آهي جو دُنيا ۾ انسان سان جيڪو ڪجھ ٿيڻ وارو هو ۽ انسان جيڪو ڪجھ ڪرڻ وارو هو، الله پاڪ سڀ ڪجھ پنهنجي عِلمِ حقيقي سان ڄاڻي تَقدِير ۾ لکي ڇڏيو، هن تقدير تي ايمان رکڻ جو فائدو ڇا ٿيندو آهي؟ هن کان اڳئين آيت ۾ هن جي حڪمت بيان ڪئي، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| لِّكَيْلَا تَاْسَوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ وَ لَا تَفْرَحُوْا بِمَاۤ اٰتٰىكُمْؕ وَ اللّٰهُ لَا یُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرِﹰۙ(۲۳) (پاره27،سورة الحديد:23) | ترجموڪنزالايمان: هن لاءِ تہ توهان ڏک نہ ڪيو ان تي جيڪو توهان جي هٿ کان وڃي ۽ خوش نہ ٿيو ان تي جيڪو توهان کي ڏنائين ۽ الله کي پسند نہ آهي ڪوبہ آڪڙ ڪندڙ ۽ وڏائي ڪندڙ. |

يعني اي انسانو! توهان کي جيڪو مليو ٿو، الله پاڪ جي طرفان مليو ٿو، لهٰذا ان تي تڪبر ڪرڻ خلافِ عقل آهي، هئڻ ائين کپي تہ ٻانهو نعمت ملڻ تي شڪر ادا ڪري ۽ جيڪا مصيبت، پريشاني، بيماري اچي ٿي اها بہ الله پاڪ جي حڪم سان، تقدير ۾ لکيل جي مطابق اچي ٿي، جڏهن مُعَامَلو اهڙو آهي تہ غم ۾ ٻڏڻ، خوف زَده ٿي همت هارڻ، دانهون ڪرڻ، شور شرابو ڪرڻ هڪ عقل مند کي ڪيئن جڳائي ٿو، ان ڪري ٻانهي کي گهرجي جيئن بہ مشڪل اچي، همت نہ هاري بلڪ حوصلو ڪري ۽ الله پاڪ جي رحمت تي اُمّيد رکي.

ان سان گڏوگڏ اهو بہ ياد رهي تہ همت ۽ حوصلي جو مطلب اهو ناهي تہ انسان پاڻ کي موت جي حوالي ئي ڪري ڇڏي، اسلام هن جي بہ هرگز اجازت نٿو ڏي، الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَا تُلْقُوْا بِاَیْدِیْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ ۛۚ (پاره2،سورة البقرة:195) | ترجموڪنزالايمان:۽ پنهنجي هٿان هلاڪت ۾ نہ پئو. |

اسلام صراطِ مستقيم آهي، اسلام اسان کي وچٿري راهہ تي هلائي ٿو، نہ تہ اسان کي همت هاري بلڪل مايوس ٿيڻو آهي ۽ نہ پاڻ کي ضرورت کان وڌي اهم سمجهڻ جو شِڪار ٿي پاڻ کي مصيبت جي حوالي ڪرڻو آهي، اسان جو اهو جسم، اسان جي جان الله پاڪ جي امانت آهي، هن جي حِفَاظت ڪرڻ اسان جي ذِمّيداري آهي، پاڻ کي هلاڪت تي پيش ڪرڻ، احتياطي تدبيرون اختيار نہ ڪرڻ، سببن جي پرواهہ نہ ڪرڻ حقيقت ۾ تَوَڪل نہ آهي، بلڪ الله پاڪ جي

نافرماني آهي.

اها دنيا دَارُ الأَسبَاب آهي، الله پاڪ پنهنجي ڪامل حڪمت سان هر شيءِ جا اسباب پيدا ڪيا آهن ۽ ڪمن جي نتيجن کي انهن سببن سان ڳنڍيو رکيو آهي، باهہ ۾ هٿ وجهڻ سان هٿ سڙي ٿو، پاڻي پيئڻ سان اُڃ ختم ٿئي ٿي، کاڌو کائڻ سان بک مٽجي ٿي، هر شيءِ هن دُنيا ۾ اَسبَاب تحت هلي ٿي، جيڪو شخص انهن سببن کي ڇڏي ڏئي ٿو اهو تَوَڪل اختيار نٿو ڪري بلڪ الله پاڪ جي ڪامل حڪمت جو انڪار ڪري ٿو. تَوَڪل ڀروسي کي چون ٿا ۽ ڀروسو دِل جي هڪ ڪيفيت آهي، ظاهر ۾ سبب اختيار ڪري ڀروسو انهن سببن بدران الله پاڪ تي رکڻ، اهو اَصل تَوَڪل آهي. جيڪو شخص سبب تَرڪ ڪري ٿو، اهو تَوَڪل ناهي ڪندو، معاذ الله! الله پاڪ جي ڪامل حڪمت جو خِلاف ڪري ٿو.

الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلام ڪيترا تَوَڪل وارا هئا؟ سڄي زِندگي پنهنجو گهر نہ ٺاهيو، پاڻي پيئڻ لاءِ هڪ پيالو هو، هڪ وَقت آيو جو اهو بہ پاڻ وٽ نہ رکيائون ۽ ٻُڪ جي ذريعي پاڻي پيئڻ لڳا، ڪيتري ڪمال جو تَوَڪل هو؟ هڪ ڀيري شيطان سندن وٽ آيو، چيائين: اي عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلام! اوهان الله پاڪ تي تَوَڪل رکو ٿا؟ فرمايائون: هائو بلڪل رکان ٿو. چيائين: جيڪڏهن ائين آهي تہ سامهون جبل تي چڙهي ٽپ ڏيو، ڏسون ٿا، اوهان جو رَبّ اوهان کي بچائي ٿو يا نہ. فرمايائون: اي مَردُود! مان الله ڪريم تي ڀروسو رکان ٿو، پر ان جو امتحان نٿو وٺان. (فتاوی رضویہ، جلد:24، صفحہ:267 خلاصۃً)

الله! الله! خبر پئي تہ جيڪو احتياطي تدبيرون اختيار نٿو ڪري ۽ پاڻ کي هلاڪت تي پيش ڪري ٿو، اهو تَوَڪل نٿو ڪري بلڪ معاذ الله! الله پاڪ جو امتحان وٺي ٿو. الله جي پناهہ! الله جي پناهہ...!!

جنّتي صحابي حضرت اُسَامہ بِن زيد رَضِيَ اللهُ عَنه کان روايت آهي، الله جي

آخري نبي رسولِ هاشِمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: طاعُون هڪ عذاب هو، جيڪو بني اسرائيل تي موڪليو ويو، جڏهن توهان ٻڌو ته فلاڻي آبادي ۾ طاعُون ڦهلجي ويو آهي ته اتي نه وڃو ۽ جيڪڏهن جنهن آبادي ۾ توهان موجود آهيو، اتي طاعُون ڦهلجي وڃي ته اتان نه نڪرو. (بخاری، کتاب: انبياء، صفحہ:892، حديث:3473)

هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان مشهور مفسّرِ قرآن، حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: طاعُون هڪ مصبت آهي ۽ مصيبت ۾ ازخود نه وڃڻ گهرجي ۽ جڏهن اچي ته گهٻرائڻ نه گهرجي. سيدي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جهڙي طرح طاعُون کان ڀڄڻ حرام آهي، اهڙي طرح اتي (يعني طاعُون واري هنڌ) وڃڻ به ناجائِز ۽ گُناهه آهي، حديثن ۾ انهن ٻنهي کان منع ڪيو ويو آهي، طاعُون واري جڳهه کان ڀڄڻ تَقدِير الٰهي کان ڀڄڻ آهي ۽ طاعُون واري هنڌ وڃڻ ۾ مصيبتِ الٰهي سان مُقابَلو ڪرڻ آهي ۽ اهڙي ڪم ڪرڻ کي تَوَڪل جو نالو ڏيڻ صِرف بيوَقُوفي ۽ جهالت آهي. (فتاوی رضويہ، جلد:24، صفحہ:308بتغير)

بهرحال! وبائون اچن، آفتون اچن ته اسان کي پنهنجو عقيدو مضبوط رکڻو ٺي آهي، گڏوگڏ احتياطي تدبيرون پڻ اپنائڻيون آهن.

## وبائون ۽ آفتون ڇو ٿيون اچن؟

پيارا اسلامي ڀائرو! دُنيا ۾ وبائون ڦهلجڻ، آفتون اچڻ جون ڪوڙ حڪمتون هونديون آهن، ڪيئي ڀيرا آفتن ۽ مصيبتن جي ذريعي ٻانهن جو امتحان ورتو ويندو آهي، جانچيو ويندو آهي ته ڪير صبر ڪري ٿو ۽ ڪير بي صبري ڪري ٿو، ڪير الله پاڪ جي قُدرَت ۽ حڪمت تي يقين رکي ٿو ۽ ڪير عقل جا گهوڙا ڊوڙائي گمراهي جي کڏ ۾ وڃي ڪري ٿو .

ڪيئي ڀيرا آفتن ۽ مصيبتن جي ذريعي ٻانهن جا دَرَجات بلند ڪيا ويندا آهن، ڪيئي آفتون خاص طور تي مؤمن ٻانهي جي لاءِ رَحمت جو ذريعو

ٿينديون آهن،صدرُ الشريعہ، حضرت علامہ مولانا مفتي محمد اَمجَد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيماري بہ هڪ تمام وڏي نعمت آهي، ان جا فائدا بي شُمار آهن، توڙي انسان کي بظاهر ان سان تڪليف پهچندي آهي پر حقيقت ۾ راحت ۽ آرام جو هڪ تمام وڏو ذخيرو هٿ ايندو آهي، اها ظاهري بيماري جنهن کي انسان بيماري سمجهي ٿو، حقيقت ۾ رُوحاني بيمارين جو هڪ وڏو زبردست علاج آهي، حقيقي بيماريون تہ رُوحاني مرض (مثال طور دنيا جي محبت، دولت جو حِرص، بخل، دِل جي سختي وغيره) آهن، جوتہ اهي مرض تمام خوف وارا آهن ۽ انهن کي مُهلِڪ مرض (يعني هلاڪ ڪرڻ واري بيماري) سمجهڻ گهرجي. (بہار شريعت، جلد:1، صفحہ:799، حصہ:4) حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ الله پاڪ پنهنجي ٻانهي کي بيماري ۾ مبتلا ڪندو رهندو آهي ايستائين جو ان جو هر گُناھ مٽائي ڇڏيندو آهي. (مستدرڪ، ڪتابُ الجنائز، صفحہ:669، حديث:1326) حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنه روايت ڪن ٿا، الله جي پياري، اُمَّت جي سهاري، سيني ڪان پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو هڪ رات بخار ۾ مبتلا ٿئي ۽ ان تي صبر ڪري ۽ الله پاڪ سان راضِي رهي تہ پنهنجي گُنَاهن کان ائين پاڪ ٿي ويندو جيئن ان ڏينهن سندس ماءُ ان کي ڄڻيو هو. (شُعَبُ الْاِيْمان، صفحہ:167، حديث:9868)

یہ ترا جسم جو بیمار ہے تشویش نہ کر — یہ مرض تیرے گُنَاہوں کو مٹا جاتا ہے
اَصل بربادکُن امراض گُناہوں کے ہیں — بھائی! کیوں اس کو فراموش کیا جاتا ہے؟

یہ ترا جسم جو بیمار ہے تشویش نہ کر — یہ مرض تیرے گُنَاہوں کو مٹا جاتا ہے
اَصل بربادکُن امراض گُناہوں کے ہیں — بھائی! کیوں اس کو فراموش کیا جاتا ہے؟

وبائن خاص ڪري طاعُون کي تہ هن اُمَّت جي حق ۾ رَحمت جو سبب قرار ڏنو ويو آهي. مُعجَمِ اَوسط جي روايت آهي، رسولِ خُدا، اَحمَدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: طاعُون منهنجي اُمّت جي لاءِ شَهادَت آهي، اها هڪ ڳِڙ آهي جيڪا بغلن ۽ نرم جڳهن تي نڪرندي آهي، جيڪو هن وباء سان مَري وڃي

اهو شهيد آهي ۽ جيڪو طاعُون جي ڏينهن ۾ صبر سان رهي اهو راهه خُدا ۾ اسلامي سَرحَد جي حِفَاظت ڪرڻ وارن جيان آهي. (معجم اوسط، جلد:4، صفحه:150، حديث:5531)

وبائون ۽ آفتون اچڻ جي هڪ حِڪمت ٻانهن ڪي اُنهن جي اَوقات ياد ڏيارڻ به آهي، جڏهن انسان پنهنجي اَوقات ڪي وساري ويهندو آهي، تڪبر سبب تيز ڳالهائيندو آهي، معاذ الله! تڪبر ڪندي زبانِ حال سان الله پاڪ جي قدرت ڪي چيلنج ڪندو آهي ته ان ڪي اوچتو ايندڙ آفتن ۾ مبتلا ڪري ان جي اَوقات ياد ڏياري ويندي آهي، هينئر ڏسي وٺو! ٽيڪنالوجي ڪيڏي عُرُوج تي آهي، چنڊ تي پهچڻ بلڪ هاڻي ته مريخ تي لهڻ جون به خبرون عام آهن، سائنس توڙي جو هڪ سنو عِلم آهي پر اهڙن نادان انسانن جو به هڪ تعداد آهي جيڪي سائنس کي بنياد بڻائي الله پاڪ جي دِين ڪي چيلنج ڪن ٿا، الله پاڪ جي اَحڪامن ڪي بناوتي ۽ پُراڻيون ڪهاڻيون چون ٿا، بلڪ معاذ الله! ڪي اهڙا به بي عقل آهن جيڪي سائنس کي بنياد بڻائي الله پاڪ ئي جو انڪار ڪري رهيا آهن، پنهنجي عارضي، فاني ۽ آلات جي محتاج طاقت ڪي ڏسي غرور ۽ تڪبر ۾ بي قابُو ٿي ويندا آهن ۽ جيڪي الله پاڪ کي مڃن ٿا، انهن ۾ به هڪ تعداد آهي جيڪو جدت، فيشن، ترقي جو نالو وٺي زبان سان نه سهي پنهنجي عمل سان الله پاڪ جي دين ۽ احڪام ڪي ڇڏي رهيا آهن، قرآني آيتن ۽ حديثن جو مذاق اُڏايو پيو وڃي، اهڙين حالتن ۾ جڏهن دُنيا غرور ۽ تڪبر جي نشي ۾ مست هئي، الله پاڪ هڪ ڪرُونا وائِرس موڪليو، جيڪو ايترو ننڍو آهي جو اک سان نظر نٿو اچي، هڪ تحقيق مُطَابق سڄي دُنيا ۾ جيڪو ڪرونا ڦهلجو، ان کي جيڪڏهن گڏ ڪيو وڃي ته 2 چمچا کنڊ جي مِقدار برابر مَس ٿيندو، ايتري ننڍي ڪرونا سڄي دُنيا جو نظام درهم برهم ڪري ڇڏيو، هڪ وَقت جي لاءِ سڄي دُنيا پريشان ٿي وئي، لاڪ ڊاؤن لڳي ويا، ڊاڪٽرز عِلاج ۾ ناڪام ٿيندا رهيا، ڪرُونا کي روڪڻ، ان کي ختم ڪرڻ وڏو خطرو بڻجي ويو، سائنسدان ڏندن سان آڱريون چٻاڙي حيرت سان ڏسندي ئي رهجي ويا ۽ ڪوبه ڪجهه نه ڪري سگهيو، اها آهي انسان جي اَوقات، الله پاڪ اهڙيون آفتون موڪلي

ٻڌائي ٿو تہ

کوئی تو ہے جو نظامِ ہستی چلا رہا ہے، وہی خُدا ہے

ڀلا آهي ڪو ان جي سامهون مٿو ڪڻڻ وارو؟ آهي ڪو ان کان وڌيڪ طاقت ۽ عِزت وارو؟ نمرود بَدبخت، خُدائي جي دعويٰ ڪرڻ وارو بددماغ بادشاھ هزارن جي فوج وٺي الله پاڪ سان جنگ ڪرڻ لاءِ نڪتو هو، الله پاڪ پنهنجي عظيم لشڪرن مان هڪ ننڍڙو لشڪر موڪليو، مڇرن ان جي هزارن جي فوج تي حملو ڪيو، تير ۽ تلوار ڪجھ ڪم نہ آيا، ان جا فوجي ٻيڻي ٻيڻي ڪرندا رهيا، مڇرن اُنهن جا جسم کائي ڇڏيا، هڏيون خالي رهجي ويون، اهو آهي انسان...!! الله پاڪ ئي جي عطا ڪيل معمولي طاقت تي ڀروسو ڪري تڪبر ڪرڻ وارو ٻڏجي ويو...!

قُتِلَ الْاِنْسَانُ مَاۤ اَكْفَرَهٗ ﴿۱۷﴾ مِنْ اَیِّ شَیْءٍ خَلَقَهٗ ﴿۱۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: انسان کي مار پوي ڪيڏو نہ ناشڪر آهي ان کي ڪهڙي شيءِ مان ناهيائين.

(پاره30،سورةعبس:17-18)

الله! الله! جڏهن انسان جو حال اهو آهي تہ ان کي غرور ۽ تڪبر ۾ اُونچو اُڏرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪرڻ، ڏاڙيون هڻڻ ڪٿي ٿو جڳائي؟ صِرف هڪ شيء آهي جيڪا انسان کي جڳائي ٿي ۽ اها آهي عاجزي، انسان جي سڀ کان اَفضل ۽ اَعليٰ حالت، سجدي ۾ مٿو زمين تي رکي سُبحَانَ رَبّي الأعليٰ چوڻ آهي، اسان تي لازِم آهي تہ الله پاڪ جي حُضُور مٿو جهڪايون، عاجزي ۽ انڪساري سان زِندگي گذاريون اهائي حقيقي بلندي آهي، حَديثِ پاڪ ۾ ارشاد آهي: "**مَن تَوَاضَعَ لِلّٰہِ رَفَعَہُ اللّٰہ**" جيڪو الله پاڪ جي لاءِ عاجزي ڪري ٿو، الله پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائي ٿو. (شُعَبُ الْاِيْمان، حسن اخلاق کا باب، جلد:6، صفحہ:276، حديث:8140)

الله پاڪ اسان سڀني کي عاجزي ۽ انڪساري نصيب فرمائي،

**اٰمِين بِجَاه النَّبِي الاَمِين** صَلَّي اللهُ عَلَيه وَسَلَّم.

جيڪڏهن خدانخواسته وبائون ڦهلجن ته اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ اچو! هن باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا.

## (1): ڪثرَت سان اِستغفار ڪريو

وَبائون اچڻ جو هڪ وڏو سبب گُنَاهه به آهن، الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمَآ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ (پاره25، سورة الشوري:30) | **ترجموڪنز الايمان:** ۽ توهان کي جيڪا به مصيبت پهتي اها ان سبب آهي جيڪو توهان جي هٿن ڪمايو |

الله اڪبر! هن موقعي تي به الله پاڪ جي رَحمَت ڏسو! ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ﴿٣٠﴾ (پاره25،سورة الشوري:30) | ترجمو ڪنز الايمان: ۽ اهو گهڻو ڪجھ ته معاف فرمائيندو آهي. |

سيپاري 14، سورة **النحل**، آيت:61 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِظُلْمِهِمْ مَّا تَرَكَ عَلَيْهَا مِنْ دَآبَّةٍ (پاره14،سورة النحل:61) | ترجمو ڪنزالايمان: جيڪڏهن الله ماڻهن کي انهن جي ظلم تي پڪڙ ڪري ها ته نه ڇڏي ها زمين تي چرندڙ شيءِ |

**اي عاشقانِ رسول!** تَوبَہ ۽ استغفار عِبَادت آهي، اسان کي گهرجي ته هر حال ۾ الله پاڪ کان مُعَافِي گهرون، توبه ڪيون ۽ جيڪڏهن خدانخواسته

وبائون ڦهلجن پوءِ تہ ڪثرت سان توبہ ۽ استغفار ڪرڻ گهرجي، ان جي برڪت سان آفتون ٽري وينديون آهن، حضرت نُوح عَلَيْهِ السَّلام جي قوم تي هڪ پيري سخت ڏڪار آيو تہ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلام انهن کي ان ڏڪار کان نجات جو هڪ بهترين طريقو ٻڌائيندي فرمايائون:

فَقُلْتُ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ۙ﴿۱۰﴾ يُّرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا ۙ﴿۱۱﴾ وَّ يُمْدِدْكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّ بَنِيْنَ وَ يَجْعَلْ لَّكُمْ جَنّٰتٍ وَّ يَجْعَلْ لَّكُمْ اَنْهٰرًا ؕ﴿۱۲﴾

**ترجموڪنز الايمان:** پوءِ مون (ڪين) تہ پنهنجي ربّ کان معافي گهرو اهو تمام گهڻو معاف فرمائيندڙ توهان تي وڏڦڙي ۽ تکي بارش موڪليندو. ۽ مال ۽ پُٽن سان توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان جي واسطي باغ بنائي ڇڏيندو ۽ توهان جي واسطي نهرون بنائيندو. (پاره29،سورة نوح:10تا 12)

مجھے سچی توبہ کی توفیق دے دے
پئے تاجدارِ حرم یاالٰہی!

## (2): نماز سان مدد طلب ڪريو

آفتن ۽ مصيبتن جي وقت، مشڪلاتن ۾ نماز جي ذريعي الله پاڪ کان مدد گهرڻ گهرجي ڇوتہ نماز نجات جو ذريعو آهي، سيپاري 2، سُورَه بَقَرَه، آيت:153 ۾ حڪم آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ الصَّلٰوةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۵۳﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي اِيمان وارؤ صبُر ۽ نماز کان مدد وٺو، بيشڪ الله صبُر وارن سان گڏ آهي..

**اي عاشقانِ رسول!** مشڪل ۾ نماز جي ذريعي الله پاڪ کان مدد گهرڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي، اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي جڏهن بہ ڪو اهم مُعَاملو پيش ايندو هو تہ پاڻ نماز ادا ڪندا هئا، اسان کي بہ

هن سُنّتِ مصطفيٰ تي عمل ڪري ثواب ڪمائڻ گهرجي.

## (۳): وبائن ۾ ڪثرت سان دُعا ڪريو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: اَلدُّعَاءُ سَلَاحُ الْمُؤْمِنِ دُعا مؤمن جو هٿيار آهي.
(مسند اَبِيْ يَعْلىٰ، مُسْنَدِ جابِر، جلد:2، صفحہ:123، حديث:1812)

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مشڪل پيش اچي، وبا ڦهلجي يا بيماري اچي، طوفان اچن يا ڏڪار اچي، ڪيڏي وڏي مشڪل ڇو نہ اچي، دُعا واري هٿيار ڪي استعمال ڪرڻ ڪڏهن بہ نہ وسارجو ۽ ياد رکو! دُعا ڪرڻ صِرف نيڪ ماڻهن سان خاص ناهي، بلڪہ الله پاڪ هر هڪ جي ٻڌندو آهي، دُعا تہ خود عِبَادت بلڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو: اَلدُّعَاءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ دُعا عِبَادت جو مَغز آهي. (ترمذی، کتابُ الدَّعْوَات، دعا کی فضیلت، صفحہ:777، حديث:3371) لِهٰذا هر هڪ کي دُعا ڪرڻ گهرجي. ها! دُعا گهرو تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ نيڪ ماڻهن جو وسيلو پيش ڪريو، اِن شَآءَالله! دُعا جلد قبول ٿي اَثر ڏيکاريندي. هڪ حديثِ پاڪ ۾ اچي ٿو: هڪ نابين صَحَابِي رَضِيَ الله عَنه بارگاهہ رسالت ۾ حاضِر ٿيو ۽ اکيون طلب ڪيون، غمخوار نبيءَ، رسولِ هاشِمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي نمازِ حاجت ۽ دُعا سيکاري، ان مسجد ۾ وڃي نماز پڙهي، دُعا ڪئي، اڃا ڪجهہ ئي دير گذري هئي جو اکيون اهڙيون روشن ٿي ويون، ڄڻ ڪڏهن نابين هئا ئي ڪونہ. (فضائلِ دُعا، صفحہ:295بتغير قليل)

اها نماز ۽ دُعا ڇا آهي، ٻڌو! ۽ مشڪلاتن ۾ پڙهڻ جي نيت ڪريو: تازو وُضُو ڪري ٻہ رَڪعت نفل نماز پڙهو، سلام ڪان پوءِ هن طرح دُعا گهرو. اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ وَاَتَوَجَّهُ اِلَيْكَ بِنَبِيِّنَا مُحَمَّدٍ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّم نَبِيِّ الرَّحْمَةِ، يَا رَسُوْلَ الله! اِنِّيْ اَتَوَجَّهُ بِكَ اِلٰى رَبِّيْ فَيَقْضِيْ حَاجَتِيْ. اي الله پاڪ! مان توکان سوال ڪيان ٿو ۽ پنهنجي نبي مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪي نبي رَحمت آهن، انهن جي وسيلي سان تنهنجي طرف متوجهہ آهيان. يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان اوهان جي وسيلي سان الله

پاڪ ڏانهن متوجهه آهيان تہ جيئن منهنجي حاجت پُوري ڪئي وڃي. (ترمذی، باب(118)، صفحہ:818، حدیث:3578)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (۴):وبا جي وقت وِرد ۽ وظيفا پڙهو

وبا جي وقت قرآنِ ڪريم جي خوب تِلاوت ڪريو، حديثِ پاڪ ۾ آهي: خَيرُ الدَّوَاءِ القُرآن يعني قرآن بهترين دَوا آهي. (جامع صغیر، صفحہ: 245، حدیث:4007) سُورَۃُ الفَاتِحَہ پڙهو، 100 ڀيرا سُورَۃُ الفاتحہ پڙهي جيڪا دُعا گهري وڃي، قبول ٿيندي آهي، (جنتی زیور، صفحہ:587) سُورَۃُ الدُّخَان پڙهڻ سان مشڪل دور ٿيندي آهي. (جنتی زیور، صفحہ:596) سُورَۃُ المُزَّمّل 11 ڀيرا پڙهڻ سان هر مشڪل آسان ٿي ويندي آهي. (جنتی زیور، صفحہ:600) سُورَۃُ القَارِعَہ پڙهڻ سان بلائن سان حِفَاظت ٿيندي آهي. (جنتی زیور، صفحہ:603) سُورَۃُ النُّوح پڙهو، اها وبائي مرض ڀڄائڻ لاءِ تمام گهڻي فائديمند آهي. (کورونا وائرس اور دیگر وبائیں، صفحہ:28)

کلامِ خُدا ہر مرض کی دَوَا ہے علاجِ گِرَاں مَایَہ بخشا ہے اُس نے

دَرُودِپاڪ جي بہ ڪثرت ڪريو، دَرُودِ پاڪ هر دَرد جي دوا آهي، هر مشڪل جو حل آهي، درود پڙهڻ سان شفَا ملندي آهي، درود پڙهڻ سان غم دُور ٿيندا آهن. اهڙي طرح وباء جي ڏينهن ۾ اَذان بہ ڏيو ڇوتہ هن سان وبائون ڀڄنديون آهن، بهارِ شريعت ۾ آهي: وبا جي زماني ۾ اذان ڏيڻ مستحب (يعني شرعاً پسنديده) آهي. (بہار شریعت، جلد:1، حصہ:3، ص466بتغیر)

## (۵) ڏُکايل انسانن کي ياد رکو

پيارا اسلامي ڀائرو! پريشان حال جي پريشاني دُور ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي، وبائن آفتن جي وقت اهو نيڪ ڪم ڪرڻ بلڪل نہ وسارڻ گهرجي، الله جي پياري حبيب، دِلين جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَللّٰهُ فِيْ عَوْنِ عَبْدِهٖ مَا كَانَ

اَلْعَبْدُ فِيْ عَوْنِ اَخِيْهِ بانهو جيستائين پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي مدد ڪندو آهي، الله پاڪ ان جي مدد فرمائيندو آهي. (ابو داؤد، کتابُ الْاَدب، صفحہ:775، حدیث:4946)

حديث سڳورين ۾ طَاعُون ڦهلجڻ وارن ڏينهن ۾، طاعُون کان ڀڄي ڀڄڻ کان منع ڪيو ويو آهي، ان جي هڪ حڪمت بيان ڪندي مُفسّرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: وَبا ۾ اڪثر قريبي مائٽ ۽ دوست ۽ اَحبَاب بيمار ٿي ويندا آهن، جنهن سان اهي ڀڄي نٿا سگهن، جيڪڏهن اهڙن موقعن تي تندرستن کي ڀڄڻ جي اجازت ڏني وڃي ته انهن بيمارن جي سار سنڀار ڪير لهندو، اهي ماڻهو يقيناً سخت تڪليف سان مرندا ۽ انهن کي ڪفن به ميسر نه ايندو. ان ڪري اتي ترسڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي جيئن جهاد جي صف ۾ ترسڻ. مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: مون پاڻ ڏٺو آهي ته هڪ ڀيري بَدَايُون (هند) ۾ طاعُون ڦهلجي ويو، مسلمانن جا جنازا وڏي عزت ۽ احترام سان کنيا ويندا هئا، جنازي سان گڏ وڏو عوام هوندو هو ۽ قبرستان تائين نعت خواني ٿيندي هلندي هئي، جڏهن ته غير مسلمن جي لاشن کي حڪومت ڇڪڙن ۽ ڏِڳي گاڏين ۾ رڪرائي پري اڇلايو، يا زمين ۾ پوريو ويو، ڇوته انهن جا صحتمند ماڻهو انهن کي ڇڏي ڀڄي ويا هئا، هن واقعي مان ڪيئي غير مسلم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا. (تفسیر نعیمی، پارہ1، سورۃ البقرہ، تحت الآیۃ:59جلد:1، صفحہ:517خلاصۃً)

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدللهِ! عاشقانِ رسول جي دِيني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ دِين جو ڪم ڪرڻ ۾ مَصرُوف آهي ۽ مَاشَآءَالله! بانيءِ دعوتِ اسلامي، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڏُکايل اُمّت جي خير خواهي واري سوچ، مرحبا! 2005 ۾ زلزلو آيو جنهن ۾ لکن جي تعداد ۾ فوتگيون ٿيون، ڪيئي ڳوٺن جا ڳوٺ ختم ٿي ويا، ڪيئي گهر ٽُٽي ويا، ڪيئي ماڻهو معذور ٿي ويا، ٻوڏ آئي ۽ هاڻي ڪرونا جي ڪري غريب ويچارا مشڪلات جو شِڪار ٿيا ته الحمد لله! دَعوَتِ اسلامي جي شعبي **فيضان گلوبل رِيليف فاؤنڊيشن**(FGRF) وڌ کان وڌ

مسلمانن جي خير خواهي ڪئي.

**لاڪ ڊاؤن** جي دوران اَلحَمدُلله لڪين ماڻهو ۾ **رقم** (Cash) ۽ **خوراڪ** (ڪائڻ پيئڻ جو ضروري سامان) ورهايو ويو، جنهن جي مجموعي ماليت **ڪروڙين روپيا** بڻجي ٿي. ٿيليسميا ۽ ٻين مرضن ۾ مبتلا ماڻهن جي مدد جي لاءِ هينئر تائين **هزارين رت جون بوتلون** (Blood Bags) مختلف ادارن کي فراهم ڪيون ويون آهن ۽ **ٿيليسميا فري پاڪستان** (Thalassemia Free Pakistan) تي ڪم جاري آهي.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

**اي عاشقانِ رسول**! اوهان جي دعوتِ اسلامي صِرف مشڪل حالتن ۾ ئي ڪم نٿي ڪري بلڪ سڄو سال ئي دِيني ڪمن ۾ مَصرُوف رهي ٿي، مشڪل اچي ته ماڻهن جي خدمت ڪري ٿي ۽ عام حالتن ۾ نيڪي جي دَعوَت ڏئي مسجدون آباد ڪري ٿي، سُنّتن جو پيغام عام ڪري ٿي ۽ ماڻهن کي دِين جي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. اوهان به دعوتِ اسلامي جي دِيني ماحول سان وابسته ٿي دِين جي خدمت ڪريو، سنتون سکو، عِلمِ دين سکو، پاڻ عَمَل ڪريو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور تي حِصو وٺي سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ۾ مَصرُوف ٿي وڃو.

12 ديني ڪمن ۾ هڪ ڪم هفتيوار اجتماع به آهي، جنهن ۾ اوهان هن وقت شريڪ آهيو، اوهان تلاوت ۽ نعت ٻُڌي، هاڻي بيان جو سلسلو جاري آهي، ان کان پوءِ هفتيوار اجتماع ۾ پڙهايا ويندڙ مخصوص دُرودِ پاڪ پڙهايا ويندا، ذِڪر ۽ دُعا ٿيندي، پوءِ اِن شَآءَ الله! سکڻ سيکارڻ جا حلقا لڳندا ۽ اهڙي طرح علمي ۽ رُوحاني فَضا قائِم رهندي، الله پاڪ چاهيو ته گُناهن سان نفرت ۽ نيڪين جي رغبت وڌندي، نيت ڪريو ته هر هفتيوار اجتماع ۾ پاڻ به شرڪت ڪنداسين ۽ ٻين کي به دعوت ڏئي گڏ وٺي اچڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اِن شَآءَ الله!

## شرابي جي توبہ

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: مان بُري اخلاق جو مالڪ ۽ شراب جهڙي ناپاڪ شيءِ پيئڻ جو عادي هيس، شراب جي محفل سجائڻ ۽ بيهوده ۽ فضول ڪمن ۾ پنهنجو وقت ضايع ڪرڻ منهنجي پسنديده ڪمن ۾ شامل هو. دعوتِ اسلامي جي دِيني ماحول سان وابستہ ٿيڻ جو واقعو ڪجهه هن طرح آهي تہ منهنجي سؤٽ هڪ ڀيري مون کي هفتيوار اجتماع جي دعوت ڏني. مون شرڪت ڪرڻ جو اقرار ڪيو، اجتماع گاهہ ۾ رُوح پرور منظر ڏٺو، بيان ٻڌو، مبلغ دعوتِ اسلامي جي بيان مون کي منهنجا گناهہ ياد ڏياريا، اجتماع جي اختتام تي دُعا ۾ شرڪاء جو ٻاڏائي اللّٰه پاڪ کان مغفرت جي خيرات طلب ڪرڻ ۽ خوفِ خدا ۾ روئڻ وارن جو روئڻ ٻاڏائڻ ٻڌي منهنجي پٿر دل بہ نرم ٿي وئي ۽ منهنجي اکين مان بہ لڙڪ وهڻ لڳا، سچي توبہ ڪئي ۽ سنّتن ڀري زندگي شروع ڪرڻ جو اِرادو ڪيو ۽ دِيني ماحول سان وابستہ ٿي ويس، هن ديني ماحول جي برڪت سان جتي بيشمار ديني معلومات سان واقف ٿيس اتي دنياوي طور تي بہ فائدا مليا. مان گوڏن جي انتهائي سخت درد ۾ مبتلا هئس، مان گهڻو پريشان هئس، ان تڪليف سان نجات ۽ سڪون جو ساهہ کڻڻ جي لاءِ ڪافي علاج بہ ڪرائي چڪو هئس ۽ رُوحاني علاج جو بہ سلسلہ جاري رهيو، الحمد للّٰه! ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ درد کان ڇوٽڪارو ملي ويو.

ترا شکر مولا دیا دینی ماحول　　نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
شفائیں ملیں گی، بلائیں ٹلیں گی　　یقیناً ہے برکت بھرا دینی ماحول

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهہ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبُوتﷺ جن فرمايو: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي

ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکاۃ الصابیح،کتاب الایمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنۃ،الفصل الثانی،۵۵/۱،حدیث:۱۷۵)

سنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں　　نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

## ”مُرڪڻ“ سُنَّت آهي

ٻه فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1) توهان جو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ مُرڪڻ صدقو آهي. (ترمذی ، کِتاب: بِرْ وَالصِّلَة ، صفحہ:478، حدیث:1956) (2) اَلقَهقَهَةُ مِنَ الشَّيطَانِ وَالتَّبَسُّمُ مِنَ الله يعني ٺهڪ ڏيڻ شيطان جي طرفان آهي ۽ مرڪڻ الله پاڪ جي طرفان آهي. (معجمِ صغیر، صفحہ:713، حدیث:1057) ٺهڪ مان مُراد آواز سان کلڻ آهي، شيطان ان کي پسند ڪري ٿو ۽ ٺهڪ لڳائڻ واري تي سُوار ٿي ويندو آهي جڏهن ته تَبَسُّم مان مُراد بِغير آواز جي ٿوري مِقدار ۾ کلڻ آهي. (فیض الْقَدِیر جلد:4، صفحہ:706، تحت الحدیث:6196) ياد رهي! ٺهڪ لڳائڻ توڙي جو شيطان جي طرفان آهي، بُرو به آهي ۽ سنّت به ناهي تڏهن به گناهه نه آهي. فرض ڪيو ڪنهن عالِم صاحِب يا بُزرگ کي ٺهڪ ڏيندي ڏسو ته انهن لاءِ پنهنجي دل ۾ هرگز ڪنهن قسم جو برو گمان نه آڻيو. (نیکی کی دعوت، صفحہ:249)

اي عاشقانِ رسول! مسڪرائڻ سُنّت آهي. پياري آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بڪثرت مسڪرائيندا هئا، صحابہ ڪرام عليهم الرِّضوَان جا اهڙا قول موجود آهن جو اسان مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي جڏهن به ڏٺو، مُرڪندي ئي ڏٺو. (مسند امام احمد، جلد:9صفحہ:44، حدیث:22359)

امير اهلسنت دَامَت بَرَکَاتُهُمُ العَالِيه فرمائن ٿا: ❖ مرڪڻ مُرده دِلين کي زِنده ڪري ٿو. (کب مسکرانا چاہیے؟، صفحہ:2) ❖ رضاءِ الٰهي خاطر مسڪرائي ملڻ ثواب جو ڪم، آخرت ۾ مغفرت جو سبب آهي. (نیکی کی دعوت، صفحہ:248)❖ مرڪندي ڪنهن کي سمجهائڻ عام طور نيڪي جي دعوت جي ديني ڪم کي نهايت آسان بڻائي ٿو ۽ حيرت انگيز نتيجن جو سبب بڻجي ٿو، جي ها! اوهان جي معمولي مسڪراهٽ ڪنهن جي دل کٽي ان جي گناهن ڀري زندگي ۾ اِنقِلاب برپا ڪري سگهي ٿي ۽ ملڻ مهل

بي رُخي ۽ لاپرواهي سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي هٿ ملائڻ ڪنهن جي دل ٽوڙي ان کي مَعَاذَ اللّٰه گمراهي جي اونهي کڏ ۾ ڪيرائي سگهي ٿو. تنهنڪري جڏهن بہ ڪنهن سان ملو، گفتگو ڪريو ان وقت جيترو ٿي سگهي مرڪندا رهو. (نیکی کی دعوت، صفحہ:246-247)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (1)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(2)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(3)

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرکارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305